# ”قدر ڪونهي....“

”هي قدرون سي پرامت لڳاڪي بالي عمريان گرالي.“

گيتوءَ جو منو منو سڏهو آواز ٽـل جي ڪونيءَ مان نڪري صبح جي مٺي ٿڌي هير سان مليو، صندليءَ تي ويٺل گل ماءُ جي ڪنن ۾ گهڙي ويو. هوءَ ٽاڪرن کي سڌان ڪرائيندي رڪجي وئي.

گل ماءُ جي اکين مان آنسون اڙي پيا. ٽاڪرن کي ڪپڙا پائي، گيتا جي پوڙي ٽي ڪوليائين ۽ سندس ڪڪي گيتوءُ، ٻڳهي سڌهي، عمر جي پڪي، پر رنگ جي صاف اچي، ٽل ڪونيءَ کان ٻـاهر نڪري اچي کيريءَ تي ميرا ڪپڙا ٽنگڻ لڳي. ڇون ۾ جيڪا راڳ جي سٽ هئس، سا ڪنگهه جي ڏوري اچڻ سبب اڌ ۾ ڪپجي وئي. ماءُ صندليءَ تي ويٺي ٿـي منهن ورائي چيو، ”گيتو پٽ، ٽون اڄ دوا ضرور وٺي اچج.“

گيتوءَ ذرا چڙ مان چيو، ”اول ٽهڻي کان ۽ پڇج پئسا ڏيندي دوا لاءِ؟“

نرملا رنڌڻي مان ٽي جواب ڏنو، ”پنهنجي دوا لاءِ ۽ پئسا پاڻ ڪانه خرچيندينءَ. باقي سڀاڻيءَ لي سڀئين ڇو ٽي؟“

سس وڏو آواز ڪري چيو، ”اَڙي! هيڏانهن هيڏانهن،
ڇا ٿي ڇوڻن؟ دوا لاءِ ۽ هاڻي پيسا ڪانهن ڏيندينمس.
هڪڙو وڻجاري گهر ۾ گهڙي، پيو مشين هلائي ٿـي نـوَر
نڪوڻي، پنج سٺ رپيا ٿي ڪيئي، ٿن ۾ ۽ اڪ پيسو.“

نرملا وانڍي جي در وٽ اچي چيو، ”مـان ڪو
پنهنجي لاءِ نه ڪانهن ٿي گهرانس“

گيتوءَ پڻي در وٽ وار پڻي ڇنڊيا. چيائين، ”ڇوڻن
ٿي ڪڙو گندي آهي. وڃي سلائيءَ مان ڪر. هاڻي
وري دوا دوملُ ۽ ڇوڻن ٿي سلائيءَ مان وڃي ڪئي.
سيان چوندڻنءَ ته ڪاڏو پيتو ۽ وڃي سلائيءَ مان ڪئي.
مان باقي سلائي ڪريان ٿو؟“

نرملا زوم سان ڪمري ۾ اچي چيو، ”پڙهندس ٿي
اَمي! سلائي ٿي ڪري ڇڄ مونٽي ٿـي اپڇو ڪري.
نه ڪر سلائي ته پڻي جهڙي نه ڪر.“

گيتوءَ چيو، ”ها، ها، سلائي ٿو ڪريان؛ منهنجو
ڪهڙو بار ڪنهو آئون؟“

”اڇا بار ڪونه ڪنهو آئون. جيستائين سلائيءَ مان
نٿي ڪمائين ليستائين ته سڀ اسان وٽي ڪيس.
جيڪو گهر خرچ لاءِ پگهار ٿو مليم، سو سڀ اِلي ٿي
پورو ٿيو وڃي، ڪو مان ٿورو ٿي وٽي ماڻي ڇوڙي
ڇڏيان.“

سس همٿ ڇنڊي چيو، ”هاڻي گهٽو ڪيئي. ماڻين
ڇوڙان ۽ پيئي! جنهن سارو مڙسهن ڪماڻي ٿو، تنهن

سارو ڏ. گهمڻ گهتڻ سيکجهه، پيئي ڪرين. گيتاءِ جي
ڳالهه ڪر، وڃاري گهر جا گولڪا ٻوڙهيا ڪري
پيئي هجي.“

نرملا نرڙ گهنجائي چيو، ”چڱو مون هڃايو تمانس.“

سس عينڪ پائي ٻوٽيءَ ۾ منهن وجهي چيو، ”نه
ته اڄڪلهه ضرور چوندين ته ٻوڪي هوڙي سون جهڙيءَ
نران جو قدر ڪرنهي.“

نرملا ڪاڏيءَ تي آڱر رکي چيو، ”قدر مونکي
ڪيئن ڪونهي. قدر نه آهيءَ ڪونه ڪيس جو سندس
شڪل شبيهه ۽ پيار قرب ڪي نه ليکي، وڃي ڏيٽيءَ
ليٽيءَ تي مٿو. مان پلا ڪهڙو وڌهي قدر ڪريانس.
پاڻڻ لاهڻ نه سب چيڪو پيو مليس.“

گيتاءِ ڪمت تي وڌهي تنوال سان پيرن کي مهٽي
چيو، ”چا چيڪر پيو ملي، وٽي نه ڪڏهن پڪا چار
وڳا ۽ ڪين ڏٺا اٿيئي.“

نرملا سس جي اکيان اڇي پٽ لسي وڌهي ٻرندي
چيو، ”هاڻي ڏسو امي! ڪهڙا حرف پٽيانس. مونکي
ڪهڙا هن گهر ۾ چار اٺ وڳا پڪا اڇي نصيب ٿيا
آهن، جو هن ٻوٻوڪريءَ کي ڪين ناهي ڏٺا اٿم.“

سس ٿڌي لهجي ۾ چيو، ”ملهيئي نه سيکي، ته به
پيئي نصيب ڪئين. گهوٽ نه سڄو پگهار آڻي تنهنجي
تريءَ تي رکي. ٻوءِ پلي ڪري ڪيو مان ٻاڻي ڪران،

ڀاڄيءَ مان ڪير ڪڍان. جيڪڏهن هلڻ ٿين سڀاڻي ڪير اکر ڪونه ڇوڙيندي."

نرملا سس جي پاسي مان اٿي وڃي وهاڻي تي نوٽ رکي ڪمت لئي ايندي. سخت ناراضگي سان چيائين، "پگهار لئيءَ تي لڏهن ٿو رکي، جڏهن خبر اٿس ته ڀڪائيءَ سان خرچ ڪرڻ واري آهيان. ٿوهان جي هٿ ۾ ته روز پنج پنجوهه وارا ڪٿا ٿي پيا هوندا. سيڌي ڪي لئيءَ تي اهشت وٺي ڏيان، ته ٻه قدر ته ڀاڻيءَ جو ڪونه ٿو ٿئي."

سس زور سان ٻوٽي بند ڪري عيدڪ لاهي چيو، "قدر وري لڌهڻجو ڪوز ٿيو. قدر ته ٻـاڻ مڌهڻجو ڪرڻ ڪهڙي، جا جهڙي ٿي ٿيهه. ٽوپا ڇڏي وٺي آهي. ٻاٻا، ٿون ڇا قدر ڪنديڻءَ، ٻت ٿي قدر ڪيئن ڪيو، ماءُ جي عجب ٿي لاهي ٻت ڪري ڇڏيائين..."

ٻچتيءَ مان گـل لهي آيو. چيائين، "ڇا جي ڪمت ٻت لـڳائي ويٺيون آهيو. اما، ٿوڪي ته پاڻ ٻر پنج ڪان ڇڏائي رام نام جوڻ جو وچهه ڏنو اٿم. اڳي خرچ ٻڪو سڌيالبندي هئيونءَ ته پيڻي ڪڪ ٿيندي هئيونءَ. هيڊڙ ڪيڏو آرام اٿيئي."

"نرٻو ملڪ!" چئي ماءُ عيدڪ پاڻي ٻوٽي ڪولڻ لـڳي.

ٻت ذرا مرڪي چيو، "اڇا ٿرس، نڌيو نـاڪو ٿو اچيئي، اٿجي وٺهي ٻوڇا ڪج."

ماءُ چيو، ”سوا ٦ سال ٿيا اٿيئي شادي ڪئي، هاڻي مس وڃي ٻار ڄڻيو اٿيئي.“

”مڙس کي قدر ڪونهي تو وٽ. اڳي ٻگهار ڀلا گهٽ هو؟ هڪ جيئو وڏيڪ ٻالڪ جي سمرتي هئي اول؟ چڱو ڇڏ ڳالهه کي. نرملا ڏس، هيءَ خميس سٺي سبائي اٿم؟“

گيتوءَ خميس جي ڪالر تي نظر ڪڍائي چيو ”نرملا ڪان چاڙــر ٻچين؟ ڪالر جي ڪنڊ مٿي لڳي پيئي آهي. مان ههڙي خميس سڀي ڏيانءَ ته ڪٽي جيڪر ٻري اڇلين. اسانجو پاڻي ڇا لاءِ قدر ڪندين؟“

پاڻ چيو، ”هاڻي ماٺ ماٺ. ڪوئي لڏي هٿڊ ڳڙي، ڇي: آءٌ ته بيماري. تــون ڇا ڄاڻين مرداني سلائيءَ مان. ڪونيرن ۽ گهگهرا سڀ گهگهرا.“

پيڻ جي ٻوڙي ٿي نندڙي ٿي ويئي. زال چيو، ”مهنجي ڪوٺي ته ڏاڍي سوڙهي ناهي اٿس...“

”ها، هڪڙو سڀي ڏيانوَ، سو شڪر ته ڇٽو، ڇي، سوڙهي ناهي اٿس. اڄڪلهه جي فئشن جي خبر ليڻي ڪاڻ، وڃ ڪري ڪوٺي سوڙهي ناهي اٿس.“

گل چيو، ”سيڻي ڪي اچي ٻهنجي قـــدر جي لڳي آهي. اول مهنجو قدر ڪيو اٿوَ! هيڏو ڪمائي گهر ويٺي، وٺو گرهه واسع ٻر وجهانوَ. ناهي ته ٻڌهي مان ڪڏهن اچا نيون ته ڪانهي.“

نرملا رنڊڻي طرف ويندي چيو، ”توهين سڀان ته

ڪرايو، ڏسو ٻن منٽن ۾ نيرن ٿي ڏيکاريان ڪين نہ."

گل سندان ڪري آيو تہ نرملا نيرن آڻي ميز تــي رکي. گيتو مشين هلائڻ وٺي ويٺي هئي. مـاءُ پاٺ ڪري آئي هئي. نرملا کي چيائين، "ڏيءُ، منهنجي چانھ تہ ڪوسي ڪري وٺ."

گل ڪڙو منهن ڪري چيو، "امـا، اڄ چانھ بہ نہ پيتي اٿيئي."

ماءُ کٽ تــي ويٺي، ٽنگن کي زور پئي ڏنا. چيائين، "ڇا ٿو چوين. مشين جي آواز ۾ ڪجهہ ٻڌڻ ۾ ئي نٿو اچيم."

گل ڦرڦر ڪندي گهٽي ڇپاڙيندي چيو، "اها وري هيڏڙو ڪٽي وهندي مشين جو راڳ. سؤ ڀيرا چيو اٿم، جيسين مان آفيس ۾ نہ ويو آهيان، تيسين گوڙ نہ ڪريو. جيڪو هيترو ٻيگي وانگر وهـــي اچي، انجو ايترو بہ خيال نہ ڪجي."

گيتوُ مشين بيهاري، شوخ نگاهن سان ڀاءُ طـــرف ڏسڻ لـڳي. ماءُ چيو، "ٻہ مونکي چانھ لاءِ ڇا پئي چيئہ؟"

"ڇوان تو هيڏي مهل تـائين بيٺي پاٺ پوڄائون ڪرين، جن مان نڪو وري نڪو سري. هوڏانهن هوءَ ٻلي ڏهين ٻجي تائين چانـھ جو ديڳڙو جهليو ويـٺي هجي."

"اڙي ٻچڙا، توهين ڇا منهنجي پـاٺ پوڄائن جو

قدر ڪندا. اهي نہ ڪريان ها تہ ڇهن سالن کان پوءِ ڪيئن تنهنجي گود ڀرجي ها."

گل اُنمنيو، ماءُ جون ڳالهيون ٻڌندو رهيو. اوُٽ جا ڌاڳا ٻڌي لڪڙو لڪڙو گهران نڪتو.

آفيس ۾ پهچي گل ڏٺو، هتي بہ اهائي چڪتاڻ لڳي پيئي آهي. سپرنٽينڊنٽ آفيس جي ماڻهن تي اکڙيو ويٺو هو. چيو، "لنچ تي بہ اڌ ڪلاڪ بدران سڄو سڄو ڪلاڪ ولو. آفيسر تہ مونکي ئي ڳُٽر کان وٺي لوهانڪي ڇاهي. اڇو، هيءُ گل صاحب، اڃا هيندر ئو اچي. ڇو پيا ئي، اڄ شريمتيءَ گهر مان ڇڏيئہ نہ ئي ڇا؟"

گل هن اوچتي حملي لاءِ بلڪل تيار ڪين هو. خاوند ۾ ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيئي چيائين، "ها، مونکي شريمتيءَ اٿي اچڻ ڏنو، بس." آفيس جي سيني ڪم ڪندڙن کان گل ڇڙي ويئي. گل سوُنڊر موُنڊر ٿــي وڃي پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺو. سپرنٽينڊنٽ اڃا بہ ڪين ڇڏيس، واڪو ڪري چيائين، "گل، تـون هن هفتي ۾ هيءُ ٻيو ڀيرو دير سان آيو آهين"

گل ڪنڌ هيٺ هو ندي ئي نرڙ ۾ گهنج وجهي چيو، "هِي هفتو سڄو آفيس مان دير سان نڪرندو رهيو آهيان اهو بہ ڪنهن جاچيو آهي؟"

آفيس جا ماڻهو وري بہ ڪلڪ لڳا. پر سپرنٽينڊنٽ جي منهن تي اڃا بہ ناراضپو ظاهر هو. هڪڙي ملازم

گل جي ٻئي واريءَ رڪ ٽان فائيل ڳوليندي، سندس ڪن وٽ جهڪي چيو، ”اڄ سپرنٽينڊنٽ، آفيسر وٽان دٻ کائي آيو ٿو ڏسجي. سچ ته ويچارو وڏو ڀڳو آهي، پر آفيسر وٽ قدر ڪونهيس...“

سپرنٽنڊنٽ رڙ ڪري چيو، ”هرگن، تون لنچ ٽي سيٺ کان گهڻو ٽائيم ڇو وٺندو آهين؟“

هرگن اُٿان ٻيهي ٿي ورائيو، ”ڪم ٽي ٻ، ته پورو آهيان نه. منهنجي ورڪ شيٽ انجي شاهدي آهي.“ هرگن جي چوڻ جو نمونو ئي ٻاڪ هوندي به، ايترو ٻاراڻو هو، جو ماڻهن کان نه چاهيندي به، گل نڪري ويئي.

سپرنٽينڊنٽ پوسرندي ورڪ شيٽس اُٿلايون. هرگن جي ورڪ شيٽ ڏسي ڪنڌ مٿي ڪري هن ٿي نظر کپائي، ڪٽيندڙ لهجي ۾ چيائين،” سيٺ کان وڌيڪ ڪيس نيڪال ڪرڻ جو مطلب اهو ناهي ته تون سيٺ کان وڌيڪ ڪم ٿو ڪرين؟“

هرگن رڳو ٻاسي وارن ڪلارڪن جي ٻڌڻ لاءِ آهستي چيو، ”نهيو، جواب نٿو ڏيانءِ. معاف ائيڪي. اسان جو قدر ڪيئن ڪندا، جڏهن تنهنجو ئي قدر ڪين ٿيو آهي.“

ڪيترو وقت آفيس ۾ چپ چاپ لڳي پيئي هئي. آفيسر وري سپرنٽينڊنٽ کي ڪوٺايو. سيٺ جي پيگهي مٿي. خوب ڳالهائڻ لڳا. هرگن ماٺ هو. آهستي

اچي گل جي ڳلهي تي هٿ رکيائين. گل مُنهن مٿي ڪنيو ۽ سندس چهري جون رڳون اڀا ۽ ٽيسو ٻــار وانگر سيٽيل ٿي لڳيون. هرگن چيو، "هل تــہ چانهه پي اچون."

گل پروُن تاڻي چيو، "نہ هلندس."

هرگن چيو "هنبج ۾ ڪٺي ۽ وڃي هلندوسانءِ."

گل کي الاهي ڪهڙو خيال آيو، جو اٿي کڙو ٿيو. ۽ واري ڪرسيءَ تان گجراتي ڪلارڪ مهتا اٿي کــڙو ٿيو. چيائين، "مان ۽ تو چانهه پيئڻ هلون."

ڪئنٽين ۾ ٽيئي دوست آفيس جـــون ڳالهيون ڪندي ويٺا. گل گهر جون ڳالهيون ڇيڙي ويٺو. چي، "جيڪو ڏس، سو چوي منهنجو قدر ڪر. جوءِ چوي، منهنجو قدر ڪونهي. پيءُ چوي، منهنجو قدر ڪونهي. ماءُ چوي، منهنجو قدر ڪونهي، عجيب ماجرا آهي ۽ هن منحوس سپرنٽينڊنٽ وٽ وري اسانجو قدر ڪونهي."

مهتا چيو "ڀلي، آهيون ساڳيءَ ٻيڙيءَ ۾ سوار. اسانجو تہ نڪو گهر ۾ قدر آهي، نڪو آفيس ۾. ڪڏهن ڪڏهن تہ اهــڙا خار ايندا آهن، جو جيڪر آپگهات ڪري ڇڏجي."

"آپگهات؟" هرگن اچي ٽهڪن ۾ ڇٽڪيو.

گل، مهتا سان سر ملائي چيو، "سچ ٿــو چوان دوست، جيڪر آپگهات ڪري ڇڏجي."

هرگن چانهه جو خالي ٿيل ڪوپ ڀري سيري ميز
تي پانهن رکي چيو، ”يار، توهين به ڪمال ٿا ڪريو.
رڳو هڪٻئي کان پيا قدر جي تقاضا ڪريو. جنهن
سماج توهانکي سوڙها گهر، اڌوگابرو روزگار ۽ اڌورو
علم ڏنئي، توهانجي هستيءَ جو ڪوئي قدر نه ڪيو
آهي، اُنلاءِ نه ڄڻ ڪا شڪايت ٿي ڪانه اٿوَ. حقيقت
۾ نه گهر کان وڃڻدي آفيس تائين، سڀئي، هڪ ٻئي
چڪر ويوه ۾ قائل آهيو ن، انکي ٽوڙڻ کان پوءِ ئــي
هڪ انسان، ٻئي انسان جو قدر ڪري سگهندو.“

گل چيو، ”دوست، تون نه هميشه فيلسوفـــي
ڳالهائيندو آهين.“

هرگن ميز تي ڌڪ هڻي اٿي ڪـــڙو ٿيو. چيائين،
”اٿو، يارو اٿو، مڙاوٽي قدر ڪونهي...“

گل ۽ مهتا کان کل نڪري وئي. ● (١٩٥٧)